


[شاعري]
احساس ميرل سهتو
جڏهن
هُو
زلفَ
چوڑي
ٿو
امرتا


جڏهن هُو زلفَ چوڑي تو
احساس ميرل سهتو
احساس ۾ ڪمال احساس آهي
شاعر آهي تہ ۽ عجيب، جي سامع آهي تہ
۽ غريب، عجيب و غريب جو محاورو مٿس
ٺهڪي اچي ٿو. سندس شاعري، روح کي راضي
ڪرڻ جي وندر آهي. سادن سلوڻن لفظن سان
پنهنجي اندر جي ڪٿا بيان ڪرڻ سندس
سادگيءَ جو مظهر آهي.
احساس سيني سامهون چوندو آهي تہ هُو
ڪو گهٽو پڙهيل لکيل ڪونهي، پر تہ ۽ سندس
خيال جي اُڏام ۽ اظهار جا پَر اوهان کي عجب
بَلندين جو سير ڪرائيندا. شايد سندس روح
جي سچائي، فڪر وسيلي اسان ۽ اوهان تائين
پهچي ٿي.
هڪ پورهيت شاعر جو پورهيو اوهان جي
سامهون آهي. اهو پورهيو عجيب ۽ آهي تہ
غريب ۽ آهي. اهو پورهيو ٿي تہ احساس آهي.
مالڪ منو جل شاهہ سندس سوچ جي شرهاڻ
اڃان ۽ ڳوڙهي ڪري آمين
محمود مغل
29 فيبروري 2016ع
naeem.bawri
لمرتا

جڏهن هُو زلفَ چوڑي ٿو

(شاعري)

احساس ميرل سهتو

امرتا
پبليڪيشن
حيدرآباد
2016ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جُهڙالي ٿيو پوي موسم،
جڏهن هُو زُلف چوڑي ٿو.

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (155) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي شاعريءَ جو ڪتاب **"جڏهن هو زلف چوڑي ٿو"** خوبصورت شاعر احساس ميرل سهتي جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

هي ڪتاب **امرتا پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون احساس ميرل صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

جڏهن هُو زلفَ چوڑي ٿو : احساس ميرل سهتو

31 Amerta's Book No.

سڀ حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

جڏهن هُو زلف چوڑي ٿو (شاعري)

شاعر: احساس ميرل سهتو

چاپو پهريون: مارچ 2016ع

ايڊيٽنگ: فقير محمد ڍول

لي آئوٽ: حيدر امان – فقير محمد ڍول

ٽائيٽل: نعيم خان ديسوالي

ڪمپوزنگ: حيدر امان ـ سيد محمد رضا شاهه نقوي

ڇپيندڙ: امرتا پبليڪيشن حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: ڍول فقير فائونڊيشن – سنڌ

قيمت: 300.00 روپيا



JADAHN HU ZULF'A CHHORAY THO (Poetry)

Poet: Ahsad Meeral Sahito
First Edition © Amerta 2014
Editing: Faqir Muhammad Dhol
Lay Out by: Hyder Aman - Faqir Muhammad Dhol
Title: Naeem Khan Deswali
Composed by: Hyder Aman – Syed Muhammad Raza Shah Naqvi
Printed by: Amerta Publication Hyderabad
Published by: Dhol Faqir Foundation, Sindh
Price: Rs.300.00

اڻپنا

سنڌ ڌرتيءَ جي سيني

شهيدن

جي نانءِ

احساس ميرل سهتو

ترتيب

ميرل جي محبوبہ: شاعري (اداري پاران) 12

دل جي ڳالھ (شاعر جي پاران) 14

حمد و نعت

- هٿن ۾ پور مانيءَ جو 17
- اهڙي لفظن ۾ خدايا 18
- منهنجو سرڪار بسم الله 19

غزلَ

- تن من تڙپيو تات ختم ٿي 20
- مان جُهوپن ۾ تون ماڙيءَ ۾ 21
- تنهنجو ناهيان تو کان ٻُڌڻ مان چاهيان ٿو 22
- هڪ پل بہ حياتيءَ تي اعتبار بہ ڪونهي ڪو 23
- وڏي ويو ريت مينديءَ جو مگر سستو لهُو آهي 24
- ڪنهن کي دل جو درد ٻُڌائي ڇا وَرَندو 25
- ايا اکڙيون پئي جاڳيون، ستارن موڪلاڻي ڪئي 26
- يار جو آ ڏنل غم سلامت رهي 27
- سندءِ دل ۾ مون لئہ جي گهر ٿي پوي ها 28
- آ دل جي ڳالھ هِي 29
- پل غمن جي ٻَڌي ڏي پري خير آ 30
- ڳالھ دل جي نہ ظاهر ڪري مان سگهيس 31
- تنهنجا نيٺ پرين ڪشمير جيان 32
- ڏينهن ۾ رات ۾ 33
- اوهان جي مست نظرن جو اشارو خوب ٿي ويو آ 34
- ڪنهن جو نہ مُور ٿيو 35
- توکي رُسڻ جي ٿي وئي آ هيرَ، ڇا ڪجي 36
- چيم دل کي نہ پر سُڏڪا چيئين اختيار ڪونهي ڪو 37

- نصيبن وارو جُهومڪ آ 38
- ڏٺئين هيڪر زماني کي 39
- سُک وبا سيئي، مليا غم، باقي ٻيو ڇا نہ ٿيو 40
- ذهن تي سوچ دلبر جي طاري ۽ مان 41
- انسان آ ڪٽي..!؟ 42
- جي رکو ٿا نينهن ناتو، پوءِ نيايو دوستو 43
- ڪو حسين منظر سُهانو ڳولجي 44
- گُنگُنائي چَيئِين..!! 45
- منا ڏي ڪي مُرڪون اُڏاريون ڪپن 46
- هُو اچي، گُل ٽِڙن ٿا چمن کان پڇو 47
- جڏهن مُنهن يار موڙي ٿو 48
- تو نهاريو تہ زخم وبا پرجي 49
- اوهين جيئن ئي رُنا، ڏسجو! 50
- اکين سان وار ٽيندو آ 51
- ڳالهہ حق جي ڪٽي پي اگر ٿو ڪيان 52
- جيجل امان جي جنهن کي شفقت نٿي ملي 53
- نہ چمڪي چير، ڇا سمجهان..!! 54
- چنڊ مُرڪيو، رات ڇرڪي اوچتو 55
- هانءُ ٻَري، عشق تاندن جي چَر ٿو لڳي 56
- نفرتن جي ڏيهہ ۾ اڄ محبتون روپوش ٿيون 57
- رهي سنڌ مولیٰ سلامت اسان جي 58
- ڏسو مون پيار پاڳل جو 59
- دلين کي يار، جوڙڻ سِک 60
- سوچ ڪر بهتر اجا 61
- ڪيئن چوان زندگاني اڪيلي رهي 62
- جنوريءَ ۾ نيٽ نيٽن سان مليا 63

نظمَ، آزاد نظم ۽ نثري نظمَ

- فلاٽو (نظم) 64

•انصاف	(نظم)	67
•ڪير ٿو روڪي..!!	(نظم)	69
•پکي	(نظم)	71
•رات ڪڏهن ٿيندي؟	(نظم)	73
•خوف	(آزاد نظم)	74
•اُتي هي گڏ وري هوندا	(آزاد نظم)	75
•صحبت	(آزاد نظم)	77
•اليڪشن	(نثري نظم)	78
•سپنا	(نثري نظم)	79
•بي رُخي	(نثري نظم)	--
•هڪ ڳالهه چوان	(نثري نظم)	81
•سمنڊ ۽ مان	(نثري نظم)	82
•ڏيئو	(نثري نظم)	83
•محبّت	(نثري نظم)	84
•ڪاغذ جي ٻيڙي	(نثري نظم)	85
•ٻَبُر جو وڻ	(نثري نظم)	86
•معاف ڪر فقير..!!	(نثري نظم)	88
•حُسن ۽ اجرڪ	(نثري نظم)	90
•سردخانو	(نثري نظم)	92
•پاڻي	(نثري نظم)	94
•چوڏهينءَ جو چند	(نثري نظم)	95
•بزدل	(نثري نظم)	97
•زندهه آهن	(نثري نظم)	98
•مثال	(نثري نظم)	99

ٽي شعر، چؤسٽا، ڏيڊ سٽا، ترائيل ۽ وائي

•اچي ڪر تون منا آجو	(ٽي شعر)	100
•تنهنجي نرمل نگاهن جي	(چؤسٽو)	101
•خوابن جا خُون ٽي ويا	(چؤسٽو)	101

• پٿر سان پيڇ پيو آ	(چؤسٽو)	102
• دل ڪيم تنهنجي حوالي	(چؤسٽو)	102
• شهر تون ۽ شان تنهنجي ...	(چؤسٽو)	103
• سيارو سرد جاڳي ٿو	(چؤسٽو)	103
• محبّت ڀوڳ ٽي وئي آ	(چؤسٽو)	104
• هُو سُجاٽي نٽو	(چؤسٽو)	104
• تنهنجا گُفتا خنجر	(چؤسٽو)	105
• جيئن ڏسي مون ڏي	(چؤسٽو)	105
• صبح مان رات ٽي ويندي	(چؤسٽو)	105
• پيو سمنڊ هٽي چوليون	(ڏيڍ سِٽو)	106
• آ شور هوائن ۾	(ڏيڍ سِٽو)	106
• مشهور بہ ٽي وڃبو	(ڏيڍ سِٽو)	106
• اڄ شام ڪٽي وڃ تون..!!	(ڏيڍ سِٽو)	106
• الئ ڪيئن هٿ مروڙي	(ڏيڍ سِٽو)	107
• هر وارَ کان تيز آهن	(ڏيڍ سِٽو)	107
• اهڙو تہ اثر ٽي ويو	(ڏيڍ سِٽو)	107
• ڪنهن اڳ جي راڻي آ	(ڏيڍ سِٽو)	107
• ڪنهن نہ مير نہ پير ڪيو	(ڏيڍ سِٽو)	108
• ڪري دل سان اداڪاري	(ڏيڍ سِٽو)	108
• ڪنهن در ڪڙڪايو آ	(ڏيڍ سِٽو)	108
• تُنهنجي پيار ۾ پروانو	(ڏيڍ سِٽو)	108
• جيئن ڪير ۾ ڪنڊ آهي	(ڏيڍ سِٽو)	109
• يادون ۽ اڪيلائي	(ڏيڍ سِٽو)	109
• هتي علم و ادب ۽ فن	(ڏيڍ سِٽو)	109
• رڳو اوهان جي ڪمي رهي ٽي	(ترائيل)	110
• ٻُڌو تم اڄ بہ ساري ٿو	(ترائيل)	111
• گُهمي پيو چور روڊن تي	(وائي)	112

اداري پاران

ميرل جي محبوب : شاعري

شاعر سڀ هڪجهڙا قطعي ڪونہ هوندا آهن. پلي ڪير ڇاب ڇئي ۽ ڪير ب ڪٽي ان راءِ سان اتفاق نہ ب ڪري.. ڇو تہ عام راءِ اها ئي آهي تہ شاعر حساس دل هوندا آهن. بلاشب ان ڳالهہ کان ڪو انڪار آهي ئي ڪونہ... پر سڀ شاعر هڪجيترا حساس دل نہ هوندا آهن، هر شاعر جي حساسيت جو مامرو الڳ آهي... بلڪل ائين جيئن هر شاعر جي سوچ، هر شاعر جو تخيل، هر شاعر جو فهم ۽ ادراڪ جدا هوندو آهي يا هر شاعر جا احساس پنهنجا هوندا آهن. هر شاعر وٽ پنهنجي اک ۽ پنهنجي نهار هوندي آهي، جن جي اُڏام پنهنجي پنهنجي پهچ ۽ وت آهر هوندي آهي.

احساس ميرل نوجوان شاعر آهي ۽ هُن جو تعلق سنڌ جي زرخير پٽي استيشن اُڏيرولال سان آهي. هُن جي تعلمي لياقت تہ پنجن درجن جي پاس ٽيڀ تائين آهي، پر علمي، عقلي، ڏاهپ ۽ ذات جي حوالي سان هُو ڪيترائي درجا پاس آهي ۽ هڪ شاعر طور سندس اُڏام اُوچي آهي، جنهن جو هُن کي الاءِ احساس آهي يا ناهي پر هُن جي سنگت ۾ سلهاڙيل هر دوست کي اهڙو احساس ضرور آهي.

احساس ميرل جي شاعراٽن احساسن ۽ جذبن جي لاءِ آڻڪ کجهہ ب نٽو ڳالهايان ۽ ڪاب راءِ اوهان تي نٽو مڙهيان جو آڻ هن جي شاعراٽي طاقت کي ڄاڻان ٿو. هُن جي شاعراٽي سگهہ ۽ ائپروچ ڪنهن ب سگهاري شاعر کان گهٽ ڪانهي. پختي يقين سان اها ڳالهہ چئي رهيو آهيان تہ هُن جي تخيل جي اُڏام مٿانهين آهي. هُن جي شاعري جتي سماج ۽ سماجي حالتن جي اُپٽار ڪندي نظر اچي ٿي، اُتي هُو پنهنجي داخلي خيالن کي ب اظهاري ٿو. جن ۾ اظهارِ محبت ب آهي تہ اظهارِ غم و رنج ب آهي، جدائي ب آهي تہ وفائي

بہ آهي ۽ بيوفائي بہ آهي. هُو عاشق مزاج شاعر آهي يا شاعر مزاج عاشق ان بابت پاڻ کي ڪا خبر ڪانهي پر هُن جي شاعري عشق جهڙي مشغلي سان مُشڪبار آهي، جنهن ۾ پيار بہ آهي تہ انتظار بہ آهي تہ شڪوه شڪايتون بہ ملن ٿيون. عشق جون مڙئي ڪيفيتون سندس شاعريءَ ۾ نمايان آهن.

توهان جڏهن هُن جي شاعري پڙهندا تہ توهان کي هُو هڪ جاڳندڙ شاعر نظر ايندو، جنهن وٽ پنهنجي ڏرتي ۽ ڏرتيءَ جي ماڻهن جي حالتن، ضرورتن ۽ انهن جي تبديلين ۽ نجات جون ڳالهيون بہ آهن تہ محبتن جو ڪمال اظهار بہ ملي ٿو. محبت تہ هُن جي ڪلام ۾ جا بجا نظر اچي ٿي.

احساس ميرل دراصل هڪ محبت ڏيندڙ ۽ محبت ونڊندڙ دوست بہ آهي تہ محبوب بہ آهي ۽ عاشق بہ... ۽ مجموعي طور هُن جي سموري شاعري محبت جي شاعري آهي يا ائين چئجي تہ هُن جي شاعري اصل ۾ محبت جو مينيفيسٽو آهي. اهڙي محبت جيڪا محبوب سان تہ آهي ئي آهي پر سنڌ سان سنڌ جي ماڻهن سان ۽ سموري عالم سان محبت جو مذڪور آهي.

امرتا پاران سندس شاعريءَ جو پڌرو ٿيندڙ هي پهريون ڳُٽڪو آهي، جڏهن تہ هُن جا هِن مجموعءِ ڪلام کان اڳ بہ بہ شاعريءَ جا مجموعا پڌرا ٿي چڪا آهن. نوجوان شاعر جي شاعريءَ جو هي ڳٽڪو اوهان کي اميد تہ پسند ايندو. اسان جو اداروَ ۽ احساس ميرل اوهان وٽان محبتن جي موٽ جا آسائتا آهيون. دعا آهي تہ جتي بہ هجو جڙيا هجو سلامت هجو.

نيازمند

فقير محمد ڊول

20 مارچ 2016ع ـ ٽنڊوجام

شاعر پاران

دل جي ڳالهه

هڪ قول آهي ته، "انسان علم سان نہ پر ادب سان سُڄاتو وڃي ٿو. علم ته ابليس وٽ بہ هو پر ادب کان محروم هو..!!" دوستو ادب هڪ اعليٰ مقام ۽ منزلت جو نالو آهي. اسين ته بس ادب جي راه تي هلڻ جي ڪوشش ۽ جستجُو ئي ڪري سگهون ٿا. ادب هڪ سمنڊ آهي، جنهن ۾ هر ليکڪ ٽُبي هڻندو آهي ۽ پوءِ تخيل جي تَهہ مان ڪو هيرا کڻي ٿو اچي، ڪو پٿر ته ڪو وري بلڪل خالي موٽي ٿو اچي. مون بہ اُن سمنڊ ۾ ٽُبي هڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مونکي ڇا مليو آهي، اُن جو فيصلو اوهان پيارن کانسواءِ ڪو بہ نٿو ڪري سگهي.

دوستو ! منهنجو پهريون ڪتاب **'تو زندگي چيو هو..!'** اوهان پڙهيو ۽ پرپوُر موٽ ڏني، جنهن لاءِ آئون توهان سڀڻن جو بي حد شاڪر آهيان.

اُها منهنجي پهرين ڪاوش هُئي، جنهن ۾ ڪافي اُوڻايون هُيون ۽ هي منهنجو ٻيو ڪتاب **'جڏهن هُو زلف چوڑي ٿو'** اوهان پيارن جي هَٿن ۾ آهي. مون پنهنجي پرپُور ڪوشش ڪئي آهي ته اوهان تائين سُنيون لکڻيون پهچائي سگهان. پر ڇا ڪجي..!! پوءِ بہ غلطيون رهجي ويندیون آهن، ڇو ته انسان خطا جو گهر هوندو آهي.

دوستو! هڪ ڳالهه قابلِ ذڪر آهي ته ادبي پروگرامن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ سان سِکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ملي ٿو. تخيّل، بحر وزن، قافيو رديف، عُيُوبِ شاعري ۽ محاسنِ شاعريءَ جي صحيح نموني ڄاڻ ملي ٿي. اُن کان علاوه اسان وٽ اُڌيرو لال استيشن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون دستوري، تنقيدي ۽ اصلاحي گڏجاڻيون باقاعدگي سان ۽ پرپُور نموني سان هلنديون آهن، جنهن ۾ مون جهڙا ڪيترائي احساس لاپ حاصل ڪندا آهن. دعا آهي ته سڄي سنڌ جا

سيئي لکاري ادب جي اُفق کي چُمن ۾ منهنجي لاءِ به دعا ڪن ته آئون به ادب جي راهه جو پڪو مسافر ٿي سگهان. آمين.

آخر ۾ هڪ گذارش ته مون جيڪي ٿُٽل ڦُٽل لفظ جوڙي شاعريءَ جي صورت ۾ اوهان جي آڏو پيش ڪيا آهن، اُنهن تي پنهنجي قيمتي راءِ ضرور ڏيندا.

خيراندیش:

احساس ميرل سهتو

اُڈيرو لال اسٽيشن،ضلع مٽياري

0346_2476673

0301_3516393

Ahsas.meeral73@gmail.com

شاعري

هٿن ۾ پور مانيءَ جو
قصو آ زندگانيءَ جو

اول تون آن ۽ آخر تون
تون مالڪ لامڪانيءَ جو

مهر سان تو ڪيو مسلم
شڪر آ مهربانيءَ جو

ڪَئين سجدن کان بهتر آ
هڪئي سجدو جوانيءَ جو

*

اهڙي لفظن ۾ خدايا ڏات ڏي
شاعري منهنجي ظلم کي مات ڏي

هجر تنهنجي کي ڏني مون زندگي
تون مِلڻ جي مون کي هڪڙي رات ڏي

ملڪ جي دشمن تي بجلي ٿي ڪِران
اي خدا! تون همّت ۽ جذبات ڏي

ويا کسي غم روح جون سڀ رونقون
مرڪ هڪڙي تون منا خيرات ڏي

اڄ ڪيو هي دل آ ميرل فيصلو
سُک ڪٽي وڃ مون کي تون فڪرات ڏي

*

منهنجو سرڪار بسم الله
گل و گلزار بسم الله

سوا لک انبيائن جو
ٽيو سردار بسم الله

سدا ڪوجهن يتيمن جو
پرين آڌار بسم الله

اميدن سان پريل ٻيڙو
ڪندو هُن پار بسم الله

هنئين جو هار آ هر دم
مٿو منڌار بسم الله

محمد مصطفيٰ 'ميرل'
اکين جو ٺار بسم الله

*

تن من تڙپيو، تات ختم ٿي، رات ختم ٿي
ساهن جي سڪرات ختم ٿي، رات ختم ٿي

يادن جي هڙ، کوليم رُئندي، ايئَن لڳو پئي
مون لئ ڪائنات ختم ٿي، رات ختم ٿي

پاڳل منڙو، پينارن جان، در در پٽڪيو
خوابن جي خيرات ختم ٿي، رات ختم ٿي

اوسيئڙو پي، نيٺ اڪيلو ٿي ويو يارو
اکڙين جي برسات ختم ٿي، رات ختم ٿي

تو ئي چيو هو دل تي ميرل، بار آهين تون
اڄ تنهنجي فڪرات ختم ٿي، رات ختم ٿي

*

مان جهوپن ۾ تون ماڙيءَ ۾
ڪيئن رهندين گڏ ٻهراڙيءَ ۾

اڄ گدڙن جا ٽي هانءُ ڇڪيا
هو خوف وڏو اوناڙيءَ ۾

مون ڏاڍا ڳوليا، ڪونہ لڌا
ڪجهہ خواب رکيل الماڙيءَ ۾

اڄ پيءُ چيو پُٽ کي رُئندي
پُٽ! رُئندين تون بہ پڇاڙيءَ ۾

مان شهر اُڏيري ٽيشڙ جو
دل ڦاسي وئي سرهاڙيءَ ۾

*

تنهنجو ناهيان، توکان ٻُڌڻ مان چاهيان ٿو
تنهنجو هڪ هڪ لفظ لکڻ مان چاهيان ٿو

پنهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ رکي اڄ روئڻ ڏي
دل جو هلڪو بار ڪرڻ مان چاهيان ٿو

نيٽن ۾ رک مونکي لڪائي دنيا کان
تنهنجي اکين ۾ گُم ٿيڻ مان چاهيان ٿو

چوڏهينءَ رات جو دلبر جڏهين ظاهر ٿيو
چنڊ چيو بس هاڻ لِڪڻ مان چاهيان ٿو

جيڪو منهنجي سنڌ امڙ جو دشمن آ
اُن جو ميرل ڪنڌ ڪپَڻ مان چاهيان ٿو

*

هڪ پل ۾ حياتيءَ تي اعتبار نه ڪونهي ڪو
ڀٰ موت کي ٽارڻ جو اختيار نه ڪونهي ڪو

جن ملڪ لُٽيو تِن لئہ ايوارڊ نمونن جا
پر شاعر لئہ ڪنهن وٽ هڪ هار نه ڪونهي ڪو

مون سان ته پرينءَ جو آ، ٿيو پيار عجب آهي
اقرار نه ڪونهي ڪو انڪار نه ڪونهي ڪو

تون سالن جو سوچي، پيو محل اڏين ليڪن
هي جيون جانِ مَن، ڏينهن چار نه ڪونهي ڪو

جي درد وڇوڙي جو توکي نه نه آ ميرل
پوءِ وار هي وکريل ڇو سينگار نه ڪونهي ڪو

*

وڏي وبو ريٽ ميندیءَ جو مگر سستو لهُو آهي
ڇِٽو قيامت جو اڄ منظر، اسان جي روبرُو آهي

صنم جي سونهن تي سوچي مان پٽر ٽِي وَبو آهيان
پرين گل آ گلابن جو يا گل ڪو نازبُو آهي

ڏسي مهتاب کي اڪثر، سندم ننڍ آ ڦِٽي ويندي
پرينءَ جو حُسن ۽ چنڊ جو سراسر هوبهُو آهي

جي دلبر آهي دل منهنجي تہ ڏڙڪن مان بہ هوندس پَڪ
"نہ هُن کان ڏار مان آهيان، نہ مونکان ڏار هُو آهي"

محبت جي ڏاڙي تي اچي مِل يار ميرل سان
هَلي آ مان ڏسان توکي، اکين جي آرزُو آهي

*

ڪنهن کي دل جو درد ٻُڌائي، چا وَرَندو..!؟
هاڻي ويهي لڙڪ وَهائي، چا وَرَندو..!؟

مون تہ حياتي اُن کي پنهنجي ارپي آ
هُن جي واتان لفظ اَلائي، چا وَرَندو..!؟

سنڌ گهُري ٿي آزاديءَ لئہ ساھ سڃڙ
لست ۾ خالي نانءُ لِکائي، چا وَرَندو..!؟

جنهن کي ميرل تنهنجي نانءُ کان نفرت آ
تنهن لئہ پنهنجو پاڻ وِڃائي، چا وَرَندو..!؟

*

ايا اکڙيون پئي جاڳيون، ستارن موڪلاڻي ڪئي
صبح ٿيو، سج ڳنا ڪيا، انڌارن موڪلاڻي ڪئي

خزائون منهنجي جيون تي حڪمراني ڪنديون آهن
جڏهن ڪان تو ڇڏيو دلبر بهارن موڪلاڻي ڪئي

تڏهن مونکي وفائن جو صلو مِلِيو خبر پئي هئي
جڏهن دشمن وڏو گهيري تہ يارن موڪلاڻي ڪئي

لُٽي هِن قوم جو پئسو، پريائون پيٽ پنهنجو بس
ونڊي رشوت، ڪٽي دولت غدارن موڪلاڻي ڪئي

اميدن سان پريل ٻيڙو هليو پئي حوصلي تي پر
جڏهن منزل هُئي سامهون، ڪنارن موڪلاڻي ڪئي

*

يار جو آ ڏنل غم سلامت رهي
منهنجي دلدار جو دم سلامت رهي

ننڊ ۾ جاڳ ۾ سوچ ڏرتيءَ جي آ
زندگيءَ جو اِهو ڪم سلامت رهي

اي خدا! دشمنن جي نظر کان بچا
ملڪ منهنجي جو پرچم سلامت رهي

تون ڏسين ٿو قَٽن تي لڳي ٿو مَلَم
قٽ منهنجا ۽ مرهم سلامت رهي

تون جي آئين بهاري ٿي ميرل وئي
بس هميشہ هي موسم سلامت رهي

*

سندءِ دل ۾ مون لئہ جي گهر ٿي پوي ها
سهارو اِهو عمر پر ٿي پوي ها

ڪري نيٺ رستا وِڇائي هان وينو
هِتان ڪاش! تنهنجو گُذر ٿي پوي ها

ڪٽي دل جا ٽڪرا، رُئان ڪونہ ها مان
"سچو پيار تنهنجو اگر ٿي پوي ها"

اچين ها اڳُٽ جي، پَري پير پنهنجا
رهڻ هِت ڏکن جو زهر ٿي پوي ها

آ قطري برابر هي ميرل مڃان ٿو
تون پنهنجو ڪرين ها بحر ٿي پوي ها

*

آ دل جي ڳالهه هِي
جيئري جُدا نه ٿِي

چنڊ يار کي چيو
ٽوري ڏي روشنِي

هڪ شخص جي ڪري
سيني سان دشمنِي

ڏسندي وبو دل ڪَسي
آهي ڪو اٽڪلِي

احساس کان سواءِ
ڪهڙي آ زندگِي

*

پل غمن جي ٻڌي ڏي پَري خير آ
توسان ليکو نہ آ ڪو چَري خير آ

سڀ خوشيون تنهنجي دَرَ جون سلامي هجن
جي مِليم ڪانہ سُک جي ذَري خير آ

چنڊ تي هُن جي چٽرون ڪيون، چنڊ چيو
او پَريا خير آ، مَرمَريا خير آ

تنهنجي خوشين جا ٻيڙا تَرن خير سان
ڪانہ ٻيڙي جي منهنجي تَري خير آ

تنهنجي ميرل ڪڏهن ڏک نہ ويجهو اچن
منهنجي هر هڪ خوشي وئي مَري خير آ

*

ڳالهه دل جي نه ظاهر ڪري مان سگهيس
زندگي وئي هلي بس حجابن پُنيان

ووٺ ويڄها ٽيا فاتحائون به ٽيون
آ لُٽڻ جو بهانو ٿوابن پُنيان

مون ته جيون ڇڏيو توکي ارپي سڄو
تون سدائين حسابن ڪتابن پُنيان

نيڻ جاڳيا اڪيلائي آجيان ڪئي
رات گذري وئي تنهنجي خوابن پُنيان

ووٺ جنهن کي ڏئي قوم ليڊر ڪيو
سو سدائين شرابن شبابن پُنيان

چئن ماڻهن ڪنيو لاش مسڪين جو
شهر سارو هو ميرل، نوابن پُنيان

*

تنهنجا نيڻ پرين ڪشمير جيان
نڪ دل تي لڳن ٿا تِير جيان

تنهنجي زُلفن ۾ سپ قيد ٿيا
تنهنجا زُلف پرين زنجير جيان

ٿر ڪاري سون جي ڪاڻ آهي
پر منهنجا سنڌي دلگير جيان

ڳئين پٿر لڳا پر وسري وبا
ڪي لفظ لڳا شمشير جيان

اڄ مونکان رُسي ويو ڏور هليو
منهنجو يار به آ تقدير جيان

ٿيو ميرل جذبن تي قبضو
ڪنهن سرڪاري جاگير جيان

*

ڏينهن ۾ رات ۾
آهيان فڪرات ۾

پور دل ويو ڪري
ڪوئي جذبات ۾

عشق جو ڇا وڃي
ذات ۾ پات ۾

ياد طوفان بڻي
دل جي محلات ۾

لڙڪ ٻيهن سَهي
وڃ نہ برسات ۾

ڏس تہ ميرل پُڳو
ڪهڙي حالات ۾

*

اوهان جي مست نظرن جو اشارو خوب ٿي ويو آ
پرين پنهنجو بڻايو ٿا، سهارو خوب ٿي ويو آ

حُسن اڄ سپ حدون اُکري اچي ٿيو دنگ دلبر تي
گلن کان پي پرين منهنجو پِيارو خوب ٿي ويو آ

نہ آ محفوظ اڄ ڪوپي، اچي گهر ۾ ئي ٿا مارِن
چَوَن ٿا ملڪ ۾ ليڊر، سُڌارو خوب ٿي ويو آ

چيو اڄ چنڊ دلبر کي، ڪيون ڇا سونهن تي سودو
مگر محبوب ڪئي نهڪر، نظارو خوب ٿي ويو آ

تون گڏ ناهين تہ ڇا ٿي پيو ڏنئي جي درد گڏ آهن
سندءِ يادن سان جيون جو گُذارو خوب ٿي ويو آ

*

ڪنهن جو نہ مُور ٽيو
منهنجو ضُرور ٽيو

ڪو انتظار ۾
سپنو آ جُهور ٽيو

هڪ شخص آهي جو
اکڙين جو نُور ٽيو

دل جا ڪَيَئي ذَرا
ڪهڙو قصور ٽيو

شيشن جي شهر ۾
احساس چُور ٽيو

*

توکي رُسڻ جي ٿي وئي آ هير چا ڪجي
دل ۾ نچن ٿا درد ٻڌي ڇير چا ڪجي

دل جي لڳيءَ کان پوءِ نہ آ دل تي اختيار
ٻہرن کان دل گهُري ٿي پئي ٻير چا ڪجي

تنهنجو وڇوڙو مونکي پرين ايئن ٿو لڳي
تاندن تي جڙ هجن هي سندم پير چا ڪجي

غربت حدون وئي اُڪري افسوس بک وِگهي
معصوم ٿا قَلورِن پيا ڏير چا ڪجي

جنهن کي سدائين ميرل، واري ڏيکيم اکين
اُن جي بہ دل ۾ مون لئہ آ مير چا ڪجي

*

چيم دل کي نہ پر سُڏڪا، چَيَئين اختيار ڪونهي ڪو
رُئان ٿي رات ڏينهن جنهن لئہ اُهو گڏ يار ڪونهي ڪو

چوي ٿو آ امان منهنجي، وري ٿئي سنڊ جو دشمن
اُنهيءَ جهڙو زماني ۾ ڪوئي بيڪار ڪونهي ڪو

وٺي ٿو نانءُ ڪو منهنجو اُنهيءَ جو ٿيو پوين دشمن
اکين ۾ عشق جو درياهہ، چَوِين ٿو پيار ڪونهي ڪو

سڃڻ مونکي گُهري ٿو ايئن، گُهري جيئن ٿَرُ ٿو پاڻي
سڪون مونکي بہ هِت ناهي، پرينءَ کي ڏار ڪونهي ڪو

مليو آهين تون ميرل سان تہ هي احساس ٿيو آهي
منهنجي دل تي ڪڏهن آيو غمن جو بار ڪونهي ڪو

*

نصيبن وارو جُهومَڪ آ
چُمي پيو ڳل، وڏو لَڪ آ

ڏسڻ سان ٿو ڇڪين دلِيون
سندءِ نيٽن ۾ چقمَق آ

ڇڏي ويو سال گذري ويا
اڃان دل کي نہ ٿي پَڪ آ

چيم ليڊرا! هي غربت ڇو
ڇَيئَين منهنجو نہ هي تَڪ آ

نڪا ٿيو ڪين دل ٽُٽندي
لڳو اهڙو ڳجهو ڏَڪ آ

نہ ميرل بيوفا چوندس
اڃان اڪڙين ۾ نِيمَڪ آ

*

ڏٺئين هيڪَر زماني کي
لڳي ويا پَر زماني کي

فقط هڪ پاڻ سُهڻي آ
ڪَيَئين ميهَر زماني کي

اسين ٻئي ڪونہ ٽُٽنداسين
ٻُڌا دلبَر زماني کي

ختم ناتا ڪري اڄ مون
هنئي ٽوڪَر زماني کي

مُئو شاعر تہ ڪيسي مان
مليا ڪاڳَر زماني کي

*

سڪ ويا سيئي، مليا غم، باقي ٻيو ڇا نہ ٿيو
دل جي لڳيءَ کان ٻهرين اهڙو لقا نہ ٿيو

هي عشق يار اهڙو، خاموش آهي گهاٽو
دل ٻِيڙجي وئي پر، ڪوئي نَڪا نہ ٿيو

دل چاڪ آ هٿن ۾، آهيان مان دربدر
غم درد جو ڪٽان ٻي، دارون دوا نہ ٿيو

سڪ سوز کي سَهڻ جي ڪوشش ڪيم مگر
هي سُور گهٽ ڪڏهن ٻي، توکان سوا نہ ٿيو

عشرت ۽ عيش نالي لاکون رُپيا مگر
افسوس خرچ سؤ ٻي، راهِ خدا نہ ٿيو

دردن جي مئڪدي ۾، غم ٿي مليا خوشيون
ساقي بہ مون لئہ ميرل، واعدي وفا نہ ٿيو

*

ذهن تي سوچ دلبر جي طاري ۽ مان
هٿ ۾ ڪاغذ قلم رات ڪاري ۽ مان

مون ۾ يادن جي دنيا وسائي ڇڏي
هاڻ گڏ ٿا رهون بيقراري ۽ مان

پل جفائون ڪري مان وفائون ڪندس
پنهنجي ڪوشش ۾ آ هُو ۾ جاري ۽ مان

جيڪا تحفي ۾ مونکي ڏئي وئين هليو
پيا ٿا تڙپون اُها انتظاري ۽ مان

هُو ته چنڊ ٿو لڳي مان ڏيئو پيي نه هان
هُو ته اُستاد آهي بخاري ۽ مان

هُو ۾ پنهنجن کان ميرل پري هُئي گهٽو
هڪ جهڙا ٽُٽل وڻ جي ٽاري ۽ مان

*

انسان آ ڪٿي..!؟
ايمان آ ڪٿي..!؟

نفرت ڪي ساڙجي
شمشان آ ڪٿي..!؟

توکي وڇوڙي جو
ارمان آ ڪٿي..!؟

پٿر ۾ ڳولي پيو
پيڳوان آ ڪٿي..!؟

مَڇَ تي ڪچهري، پر
مهمان آ ڪٿي..!؟

هِي عشق فلسفو
آسان آ ڪٿي..!؟

*

جي رکو ٿا نينهن ناتو پوءِ نياپو دوستو
سوچي سمجهي پٽرن سان پيچ پايو دوستو

هاڻ ايندا در اوهان جي تي هلي، منٽون ڪرڻ
ملڪ کي جن آ لُٽيو تن کي پڃايو دوستو

زندگي ڪَٽَ تي پئي هُئي، بس هُيون اکيون ڪُليل
مَنُ هُيو جنهن لاءِ ماندو سو نہ آيو دوستو

محبتن جا گُلَ پوکي، محبتن کي عام ڪِيو
نفرتن جا منهن مٽان پردا هٽايو دوستو

عشق سُک آ، عشق ڏک آ، عشق آهي زندگي
عشق آ احساس ٻيو سپ ڪجهہ اجايو دوستو

*

ڪو حسين منظر سُهانو ڳولجي
گڏ رهڻ جو ڪو بهانو ڳولجي

درد غم جنهن ۾ پري ٿانڪا ڏجن
اهڙو ڪوئي باڙدانو ڳولجي

ماءُ جو نعم البدل ٿيندو نہ ٻيو
پل وجي سارو زمانو ڳولجي

خواب، خوشيون، خواهشون گروي رکي
بس جيئڻ جو آشيانو ڳولجي

سوچ جي اڄ سمنڊ ۾ ڏيئي ٽُبي
ڪو تخيل جو خزانو ڳولجي

*

گُنگُنائي چَيَئِين..!!
چا اَلائي چَيَئِين..!!

توسان دل آ لڳي
مسڪرائي چَيَئِين..!!

تنهنجي آهيان پِلي
آزمائي! چَيَئِين..!!

حال ڪهڙا اَٿئي
اَڪ ملائي چَيَئِين..!!

ريل گاڏي هَلي
بائي بائي چَيَئِين..!!

*

منا ڏي ڪي مرڪون اُڏاريون ڪپن
ادائون بہ مونکي تو واريون ڪپن

ڪٽي وچ خوشين جا ڀري جهول تون
مون کي غم اُداسيون ڏي ساريون ڪپن

سنڈو ڀي ڪپي ٿو پلو ڀي ڪپي
مُهاڻا، بتيلا ۽ ڇاريون ڪپن

سڃڻ سنڈ ٿيندي سڃي سون پر
اُنهيءَ لاءِ سوچون سگهاريون ڪپن

وٺي ووٺ ويو آ، ڪندو ڇا اِهو
جنهن کي روز شيشا ۽ ناريون ڪپن

*

هو اچي گل ٽڙن ٿا، چمن کان پڇو
ڀؤنرن کان پڇو پوپٽن کان پڇو

جو لکيل آ نصيبن ۾ ٽيندو اُهو
مون نہ شڪوه ڪئي آ غمن کان پڇو

مون تہ جيون گذاري ڇڏيو جاڳ ۾
چنڊ کان، رات کان، پل گگن کان پڇو

نينهن جي ڪيئن نشي ذهن ٽيڙي ڇڏيا
محبتن جي وڇي مئڪدن کان پڇو

دل لڳي اَڪَ جي ڪائي ماکي نہ آ
دل لڳيءَ جو قدر دل جلن کان پڇو

مونسان ميرل مقدّر وفا ڪانہ ڪئي
منهنجي ڪشتي ڪٽي آ ڪُنن کان پڇو

*

جڏهن منهن يار موڙي ٿو
پوءِ مون کي غم وکوڙي ٿو

عجب آ عشق جو دريا
نہ تاري ٿو نہ ٻوڙي ٿو

جُهڙالي ٿيو پوي موسم
جڏهن هُو زُلف چوڑي ٿو

اسان جو روح اڃ تائين
وفا لئہ روز ٻوڙي ٿو

پرينءَ جو درد ميرل کي
اڃا تائين جهنجهوڙي ٿو

*

تو نهاريو تہ زخم ويا پرجي
نيٺ تنهنجا دوا مثل آهن

سوچ تنهنجي صفا وکوڙي وئي
يادگيريون سزا مثل آهن

لفظ تنهنجا سيئي اُڏامي ويا
قول تنهنجا هوا مثل آهن

مونکي شفقت منجهان سڏيندي آ
ماءُ جا گُفتا دعا مثل آهن

تنهنجو هر کُوڙ سچ، مگر منهنجون
سڀ وفائون جفا مثل آهن

*

اوهين جيئن ئي رُنا، ڏسجو!
ڪندي دل منهنجي نا، ڏسجو!

لکي لڙڪن سان جيڪي مون
پڙهي دل جي ڪٿا ڏسجو!

وڙهياسين ديس لئہ جڏهين
اسان جا حوصلا ڏسجو!

پرينءَ جا نيٹ مَڏ آهن
وڃي پل مٿڪدا ڏسجو!

مرڻ کان پوءِ هٿ هٽندو
ڪندو منهنجي پُڃا، ڏسجو!

اَڻَوَ دل ۾ اَلائي ڇا
بظاهر پيا سُنا، ڏسجو!

*

اکين سان وار ٿيندو آ
ايئين پي يار ٿيندو آ

سجاٽپ ذات ناهي ٿي
امر ڪردار ٿيندو آ

خدا کي پيو پُڪاريندو
جڏهن بيمار ٿيندو آ

سڪون دل کي آهي ملندو
جڏهن ديدار ٿيندو آ

چيم دل کي چري دلبر
اکين جو نار ٿيندو آ

ڪٽي سهٽي وفا جهڙي
ڪٽي ميهار ٿيندو آ

گُلن جو چو پلا ايڏو
ڪنڊن تي بار ٿيندو آ

هميشہ سُونهن جو ميرل
دلين تي وار ٿيندو آ

*

ڳالهه حق جي ڪٿي پيي اگر ٿو ڪيان
شهر پٿر هنيا جي گذر ٿو ڪيان

ناهي سيني ۾ منهنجي هٿن منجهه آ
دل هي پنهنجي پرينءَ جي نذر ٿو ڪيان

سچ جو آئون ساٿي ٿيان ٿو پڪو
مان بہ دشمن سڄو هاڻ تَر ٿو ڪيان

هاڻ در ۾ نہ آ عڪس ايندو نظر
پوءِ بہ هُن جي گهٽيءَ مان چڪر ٿو ڪيان

تنهنجي تصوير، احساس، ڪمرو ۾ مان
وقت يادن ۾ روئي بسر ٿو ڪيان

*

جيجل امان جي جنهن کي، شفقت نٿي ملي
تنهن کي دنيا ۾ يارو، عزت نٿي ملي

جنهن لاءِ زندگاني، برباد ٿي وئي
تنهن کي تہ منهنجي لاءِ، فرصت نٿي ملي

دل کي ڪري مان ڪشتو، دلبر ڏي ٿو وڃان
نفرت ملي ٿي ليڪن، محبت نٿي ملي

دل ڪيئن الئہ ملي وئي، حالانڪہ فرق آ
مون سان تہ هُن جي بلڪل، فطرت نٿي ملي

مزدُور اڄ ٻي ميرل، فاقہ ڪشيءَ ۾ آ
ڪم جيتري اُنهيءَ کي، اُجرت نٿي ملي

*

نہ چمڪي چير چا سمجهان
ڪئي تو دير چا سمجهان

رڳو اُڀ ٽُڀ سندءِ اُلڪن
وڏو آ وبر چا سمجهان

اڳُڀ آئين نہ اڄ تائين
پري تون پير چا سمجهان

پڙهيل ناهيان پَڙِي پي مان
زبر ءِ زير چا سمجهان

ونِي دل پوءِ ڏنئين مونکي
ڏکن جا ڏير چا سمجهان

ڪِلڀ، ڪائڀ ۾ سيئي گڏ
آ دشمن ڪير چا سمجهان

*

چنڊ مُرڪيو رات ڇرڪي اوچتو
هُن جو گهر جي ڪولي ڪڙڪي اوچتو

باغ ۾ اڄ باز پئي ڦيرا ڏنا
ٿي وئي غمگين جهرڪي اوچتو

اوچتو وئي اجنبيءَ سان اک اَڙي
دل وئي اُن ڏانهن سِرڪي اوچتو

ٿي ڪبوتر سُونهن جي ڪُڏ تي لٿي
عشق جي دل ڪائي پڙڪي اوچتو

*

هانءُ ٻَري، عشق ٽاندن جي ڇَر ٿو لڳي
ڪنهن جي پُرڪيف اک جو اثر ٿو لڳي

ڪنهن ڇيو الوداع، ڪنهن ڇيو ڪربلا
"زندگيءَ جو اڙانگو سفر ٿو لڳي"

ڪوڙ ڳوليم وفا ڪونہ آئي نظر
مون کي هر جاءِ جفائن جو تَر ٿو لڳي

جنهن جي تعريف محفل ۾ ناهيان ڪندو
منهنجو لهجو اُنهيءَ کي زهر ٿو لڳي

دل جي ڏرتيءَ کي کيڙي ڇڏي ٿو صفا
هِي وڇوڙو ڏيڻن جو تہ هَر ٿو لڳي

جلد موڪي آ سانوڻ جي برسات ٿي
مَنُ اُجايل صفا يار ٿَر ٿو لڳي

شهر پٽر هنيا ڪونہ پئي ڪا خبر
تنهنجو لهجو پرين ڄڻ خنجر ٿو لڳي

*

نفرتن جي ڏيهه ۾ اڄ محبتون روپوش ٿيون
درد ۾ دل قيد آهي ۽ خوشيون روپوش ٿيون

اڄ عقابن جو حڪم پيو ٿو هلي گلشن مٿي
گهر اباڻي کي ڇڏي هِن جهرڪِيون روپوش ٿيون

سات تنهنجو هو جڏهن ڪُل عيش ها عشرت هُئي
تو ڇڏيو دلبر تڏهن سڀ شهرتون روپوش ٿيون

حسن تنهنجي سامهُون ڏَس ڪيئن ٻلا بيهندیون اُهي
جن سڏايو پاڻ کي پئي پدمڻيون روپوش ٿيون

هُن جهروڪي مان جڏهن هو رُخ مٿان پردو ڪنيو
چنڊ ميرل ويو لِڪي هو ۽ ڳتيون روپوش ٿيون

*

رهي سنڌ مولي، سلامت اسان جي
"محبّت ئي آهي ثقافت اسان جي"

ڏسو سنڌ آهي دليرن جي ڌرتي
زماني ڏني آهي طاقت اسان جي

نہ ٿوڙي تون سگهندين، مُڙي وچ مُڙي وچ
اجا تو ڏني آ شرافت اسان جي

منهنجي سنڌ مهمان نوازيءَ ۾ اَڳيان
سڃاڻپ سدائين سخاوت اسان جي

هجي سنڌ ميرل پري دشمنن کان
ڪري شال پروَر حفاظت اسان جي

*

ڏسو مون پيار پاڳل جو
وڻان رستو پيو مقتل جو

ستم جي ڳالهه ٿي جڏهين
قصو رُڻائڙي ٿو ڪربل جو

تنهنجي زُلفن ڏنو آهي
هوا کي شوق بادل جو

اڙي ظالم! تون سوچي وٺ
اُتي ليکو آ پل پل جو

ڪيو تو ناهي اڄ تائين
ڪڏهن احساس ميرل جو

*

دلين کي يار جوڙڻ سِک
نہ ڪر تون ڏار جوڙڻ سِک

تون بِن ماڻهن کي ٽوڙڻ جا
ڇڏي ڪم ڪار جوڙڻ سِک

ڇِنڻ کان ٿي ويندئي نفرت
فقط هڪ وار جوڙڻ سِک

ڪندا اُڇلڻ جي ڪاريگر
گُلن جا هار جوڙڻ سِک

ڪري هَتَ جوڙ ننڍڙن سان
وڏن سان ڏار جوڙڻ سِک

*

سوچ ڪر بهتر ايا
عشق آ ابتر ايا

سنڌ ۾ پيا ٿا ڪُسن
روز ڏسِ ڪونڊر ايا

مال، ماٹهو دربدر
آ اُجارو ٿر ايا

هُو نہ آيو آ تڏهن
اَک ۾ آ ڪينجهر ايا

بس امان! تنهنجي ڪري
راضي آ پَروَر ايا

پيو ايا ميرل جيئي
پل جفائون ڪَر ايا

*

ڪيئن چوان زندگاني اڪيلي رَهِي
سوچ تنهنجي سدا ٻانهن ٻيلي رَهِي

معاملو پيار جو حل ڪٿي ٿي سگهيو؟
دل لڳي بس پهيلي پهيلي رَهِي

تنهنجي سُورن ڪئي بادشاهي سدا
منهنجي دل ٿي اُنهن لئہ حويلي رَهِي

ياد تنهنجيءَ سان اڄ پي نيايو اچان
ياد ايندي منا تنهنجي ڏيلي رَهِي

هڪڙو پيرو هو گلشن ۾ آيو پرين
اڄ بہ سارينديِ هُن کي چنبيلي رَهِي

*

جنوريءَ ۾ نيٺ نيٺن سان مليا
ٿيا شروع فيبروريءَ ۾ سلسلا

گڏ رهڻ جا قول مارچ ۾ گيَئين
ويا وڌي اپريل ۾ سڀ حوصلا

مَئي مچايا رنگ اُلفت جا گهٽا
جُونَ ۾ مون عشق جا جوهر ڏٺا

پر جُولائي ۾ وڇوڙو ٿي وَيو
ءِ مُکا آگسٽ مون ڏي فاصلا

سيپٽمبر ۾ مليون دردن ڀريون
آڪٽوبر ۾ ڏکن جا زلزلا

ءِ نومبر ۾ وَيو ميرل ڇڏي
ٿي وَيو آ جڻ ڊسمبر ڪربلا

*

فلاڻو

وڃن پيا دهل شرنايون
نچن پيا رودِ تي ڪونڊر
فلاڻو آيو آهي اڄ
اليڪشن جو ڪٽي ڊراموِ..!!
ڪٽي ڪنهن قرض تي پئسا
وڏي دعوت ڪئي آهي
فلاڻي کي ڏسو اڄ ڪيئن
پيا هِن هار گلڙن جا
ءِ پارائي اٽن اجرڪ
فلاڻو پوءِ اُٽيو آخر
اڇي اسٽيج تي ٻيٺو
شروع ڊرامي جو ٽيلر ٽيو..!!

بُڌو منهنجا سيئي پائر!
اوهان سان آ وچن منهنجو
اوهان جا ڪم سيئي ٿيندا..!!
اوهان جا غم سيئي ويندا..!!
اوهان کي حق سيئي ملندا..!!
ءِ منهنجا دَرَ اوهان جي لئہ
ڪليل آهن، ڪليل رهندا..!!
صبح سانجهي اسر آڏي
توهانکي سڏ ۾ سڏ ملندو
مگر هڪ عرض آ ننڍڙو..!!
فلاڻو آ نشان منهنجو
اُنهيءَ تي بس نٻا هڻجو..!!
رڳو سويارو ٿي آئون
اچان هڪ وار پوءِ ڏسجو..!!
سموري ملڪ کي جهڙو
ڪري پئرس ڇڏيندس مان
رڳو سويارو ٿيان آئون..!!

نچڻ وارا، مچڻ وارا
اچان تون ڪيترو نچندين

نسل تنهنجا نچيا ڪيئي
نچڻ تي زور آ تنهنجو
خدا جي واسطي ويهي
ڪريو ڪجهہ غور ٿورو اڄ
بچايو ملڪ پنهنجي کي
لُٽيرن کان ڪيو پاسو
پلا هن ملڪ پنهنجي مان
سُنو ليڊر نہ ملندو ڇا؟
فلڪ تان ڪين ڪو ايندو
وچن گڏجي ڪريو سيئي
هٽي ٽوڪر ٽڱن کي اڄ
سچي کي آڻي اڄ سامهون
وطن پنهنجو بچائبو..!!
نسل پنهنجو بچائبو..!!

*

انصاف

مون ڏاڍو ڀگوليو ڪونہ لڏو
انصاف الائي ڪاڏي ويو..!!

ڪٽ محلن ۾ ها رنگ نوان
ڀ ڏونگين جا ها ڏينگ نوان
ڇا دسترخوانا دنگ نوان
ڀ محفل، سُرَندا، چنگ نوان
پر جهانگيئڙن جي جهوپن ۾
معصوم جي رڙين رنگ ڪيا
پئي کير ڦُڙي لئہ خوب رُنو
ڪو بيوس هڪڙي مانيءَ لئہ
ٽي اُٽليو پُٽليو رات سڄي
پوءِ ٻُک ڏني اهڙي ننڊ جو
هُو ڪونہ اُٽيو پوءِ ڪونہ اُٽيو
مون ڏاڍو ڀگوليو ڪونہ لڏو
انصاف الائي ڪاڏي ويو..!!

ڏس ٿر آ ڪارو سون سڄو
ڇا سونهارا ٻُک مرندا هِن..!؟
جنهن گهر ۾ سون جو ڍِڳ هجي
پر هُن کي هڪڙي ويلي جي
ماني بہ ملي ٿي مشڪل سان
هُو پنهنجي پيٽ جي باھ ڪٽي
هِي ديس ڇڏي سپ ويس ڇڏي

پيو ٿوڪر کائي دَر دَر جي
اڄ ملڪ لٽيرن کان ڪو پُڇي
جنهن گهر ۾ سون جي ڪاٺ هجي
سو فاقہ ڪشيءَ ۾ ڏينهن ڳڻي
مون ٿر جي واري جانچي آ
تنهن واريءَ ۾ هو درد وڏو
مون ڏاڍو ڳوليو ڪونہ لڌو
انصاف الائي ڪاڏي ويو..!!

*

ڪير ٿو روڪي..!!

اوهين چاهيو اگر دلبر..!!
بڌايو سون متيءَ ڪي
اوهان جي هٿ ۾ جيڪا
اڇي شيءِ ٿي وڃي پارس
اوهانجا نيٺ جادوگر
ڏسڻ سان قيد ڪن دِلِيون
اکيون جنهن ساڻ پي ملِيون
سو ٽيندو شهر سوچن جو
اوهانجي سُونهن سرس آ، ڇڻ
پرين ڪشمير جي وادي
اوهانجي آجيان گلڙا
ڪندا آهن پَيا اڪثر
اوهين چاهيو اگر دلبر..!!
اوهين چاهيو اگر دلبر..!!

محبت جي بتيلي کي
ڪناري تي پُڄايو يا
ڪُنن جي وچ رسايو پل
مونکي اڄ آزمايو پل
مڃي مون هار او جانان
سيئي بازيون اوهان لاءِ
بهارون پيي اوهان لاءِ
منهنجي دل کي اگر ٽوڙي
اوهانکي چين جي آيو
منهنجي ڳوڙهن جو خير آهي
جفائن جي هٿوڙي سان
وفائن کي رکي ٻِيت تي
مٽان پوءِ درد جا دلبر
پلي ڪوڪا ڇڏيو ٽوڪي..!!
اوهان کي ڪير ٿو روڪي..!!
اوهان کي ڪير ٿو روڪي..!!

*

پکي

ڪڏهن هِن پَر، ڪڏهن هُن پَر
هلين ٿو تون سدا جهنگ جهَر
ڪڏهن ڪاچو، ڪڏهن ڪينجهر
چڏيو تو ناهي ڪو پي تَر
نوان نِت روپ بدلائين..!!
الئه ڪهڙو پکي آهين..!!

ڳجهو ناهي چمن توکان
ڪبوتر ٿا ڊڄن توکان
تِتر، طوطا پڄن توکان
ءِ نيرڳ پاسو ڪن توکان
ڪئي تو گهٽ نه اڄ تائين
الئه ڪهڙو پکي آهين..!!

ڪڏهن ڳيرن کي تڙپائين
ءِ جهرڪين کي بہ هِيسائين
ڪڏهن آنا ٻچا کائين
هميشہ تاڙ ۾ آهين
لڳي ٿو هوش ۾ ناهين..!!
الئہ ڪهڙو پکي آهين..!!

وڏو آهين ڪو پٿر دل
اُجاڑي تو ڇڏيو هر ڪُل
رُنو گلشن، رُني بُلبُل
نٽئي احساس کو ميرل
ظلم جا ڳيچ ٿو ڳائين..!!
الئہ ڪهڙو پکي آهين..!!

*

رات ڪڏهن ٿيندي؟

هُن پڇيو ته
رات ڪڏهن ٿيندي؟
چيومانس
تون ڇڏي وئينءَ ته
وري ڏينهن نه ٿيندو.

*

خوف

منهنجا ڀُوڙها
اُگهي چوٽ لڳو
تون روئندو نه ڪر
چو ته
تنهنجي لڙڪن ۾
مون پاڻ کي
لُڙهندي ڏٺو آ.

*

اُتي هي گڏ وري هوندا

اُتي هي گڏ وري هوندا
منا اڄ توکي هڪڙي مان
پُڏايان ڳالهه ٿو دل جي
ڪڏهن هي سوچيو آ تو
ملون ٿا پاڻ ڇا جي لئہ
ڪٿي جو تون، ڪٿي جو مان
نہ پنهنجي ذات ساڳي آ
نہ ڪِي محلات ساڳي آ
نہ پنهنجو رت جو رشتو
نہ آهي پت جو رشتو
نہ تون منهنجو ڏٺل هئين
نہ مان تنهنجو ڏٺل آهيان
پلا پوءِ معاملو ڇاهي
ڪڏهن تو يارَ سوچيو آ
مگر هي پڪ سمجهي ڇڏ

جتي آ روح جو رشتو
اُتي هر ذات بي معنيٰ
فڪر فڪرات بي معنيٰ
عجب هي سلسلو آهي
هتي جي گڏ ٿيا آهيون
انهيءَ ۾ تنهنجو ۽ منهنجو
ڀلا ڪهڙو ڪمال آهي
اصل ۾ مان هي سمجهان ٿو
اُتي جيڪي به گڏ هئاسين
اُهي هِت روح گڏ آهن
وري ويڙيا جڏهن ٻوءِ هي
اُتي هي گڏ وري هوندا
اُتي هي گڏ وري هوندا

*

صحبت

پچيومانس،

تون

عزت چو وڪڻندي آهين؟

چيائين،

جيڪي ضمير

کپائين ٿا

انهن جي

صحبت جو

اثر آهي.

*

اليڪشن

اڄ اليڪشن هئي،
محبت جي سِيٽ تي،
وفا ۽ جفا آمهون سامهون
بيٺل هئا..!!
منهنجي دل جو ڏڙڪو
تيز ٿي ويو
۽ مان بي تاب هُئس
فيصلو پُڌرڻ لاءِ..!!
نيٺ نتيجي جو
اعلان ٿيو ته جفائن
ڪلين سوئيپ ڪيو آهي..!!

*

سپنا

سپنن جا سپ نِيڪا
منهنجي حصي ۾ آيا،
پر افسوس ..!!
منهنجي عمر پر جي
خوابن کي ساڃيان
ملي نہ سگهي..!!
ءِ منهنجو وجود ڪنهن
ڪلراٹي زمين جيان
سيلابن جي وَرَ چڙهي ويو..!!
تڏهن منهنجون اکيون
لڙڪن جي آجيان
ڪنديون رهيون..!!

*

بي رُخي

مون جيڪي اميدن جا
ڪبوتر اُڏايا
اُهي تنهنجي اڱڻ تي
لهڻ کان پهريان ئي
تنهنجي بي رُخيءَ جي
بازن جي وَرَ
چڙهي ويا..!!

*

هڪ ڳالهه چوان..!!

ڪجهه ڏيان ته ڏر
ٿورو مون ڏي ڏس
منهنجي دل ٿي چوي
ڪاوڙ نه ڪرين
هڪ ڳالهه چوان..!!
جيڪو تنهنجي ڳل تي
تِر آهي..!!
تنهن
منهنجو وِجايو
سِر آهي..!!

*

سمنڊ ۽ مان

ها مان اڄ بہ
سمنڊ تي ويندو آهيان
۽ توکي ياد ڪري
دل کي چوندو آهيان
اڄ بہ ڇولين جو رقص
ساڻيو آ..!!
۽ لهندڙ سج جي اوٽ ۾
پرينءَ جو عڪس
ساڻيو آ..!!

پر جڏهن هِي
تنهائيءَ جو عالم
سوچن جي سرحد تي
اڪيلائيءَ جو علم لڳائي
جيت جو جشن ملهائيندو آهي
تڏهن دل
ائين چوندي آهي
اڄ سمنڊ ۽ مان
هڪ ٿي وڃون..!!

*

ڏيئو

مون کي خزائن جو
زهر پياري
پاڻ بهارن جو
امرت پيتائين
پر سندس اُڇ نہ لٿي
شايد..!!
هُن جي نظر
منهنجي زندگيءَ جي
ڏيئي تي هئي..!!

*

محبت

چيائين..!!

محبت ڇا آهي..!؟

ڇيم..!!

محبت دلين جي

سرزمين تي

اُها محلات آهي

جيڪا سِرن، سيمينٽ

۽ لوهہ سان نہ پر

انسان جي اخلاق، عاجزي

۽ ڪردار سان ٺهندي آهي..!!

*

ڪاغذ جي ٻيڙي

تنهنجا ٻـ قول جانان
ڪاغذ جي ٻيڙي وانگي
آهن هوا سان جُڙِيَل
هڪ جاءِ نٽا ٽِڪن..!!

*

بَبُر جو وڻ

اکين جي آرسيءَ ۾
سندس تصوير ڏسي
دل ۾ دفن يادن جو
آتش فشان ڦاٽڻ لڳو
ڌڻ ذهن تي سوچن جو
لشکر طواف ڪرڻ ۾
مصروف ٿي ويو..!!
دل جو ڏڌڪو
بي لغام گهوڙي جيان
تيز ٿيڻ لڳو..!!
ڌڻ وري
لڙکن جون لاڙون
سانوڻ جي مينهن جون

سِکون لاهڻ لئہ
گهٽ نہ هُيون..!!
پر مون کي خبر آهي..!!
مون کي دردن جي ديس ۾
اڪيلو ڪرڻ وارِي
منهنجي پنهنجي دل آهي
شايد انهيءَ ۾ هُن جو
ڪو قصور نہ هو..!!
ڏوهہ تہ منهنجو آهي..!!
مون جنهن کان
ٻير پئي گهريا سو
ٻَڀُر جو وڻ هو..!!

*

معاف ڪر فقير..!!

جنهن جي لاءِ جُهڪڻ لفظ
توهين مثل هو..!!
مون اُن جبل کي
عشق جي اشارن تي
جُهڪندي ٻيوس ٿي
هٿيار ڦِٽا ڪندي
پنهنجي اَوج تي ٽڏا ساهه پري
پڇتاءُ جي پيڙاءُ ۾
پاڻ کي اُن قيدي جيان
سمجهندي محسوس ڪيو آهي..!!
جنهن کي عمر قيد جي سزا ملي هجي..!!

مون سمنڊ کي
ڪُوزي جي شڪل ۾ ڏٺو..!!
جيڪو پنهنجي مستيءَ جا مثال
قائم ڪري دنيا تي پنهنجي
ديديي جو حامي هوندو آهي..!!
مون ڏٺو عشق جون حدون پار ڪندي
اُن عاشق کي جنهن جي اکين ۾
اميدن جا هزارين خواب
ڪنهن پيئُو فقير جيان
در در وڃي وفا جي خيرات لاءِ
صدا هڻندا رهيا..!!
پر موٽ ۾ اُهوئي جواب ته
معاف ڪر فقير..!!

*

حُسن ۽ اجرڪ

ها جڏهن سنڌي ٽوپي
۽ اجرڪ پائي هلندو آهي
تڏهن دنيا جو ڪوبہ لباس
سندس مقابلو ڪرڻ کان
قاصر هوندو آهي..!!
انتهائي پُر اثر سنڌي ٽوپيءَ تي
جِنِيل سنڌ جو نقشو
ايئن لڳندو آهي جڻ،
آڪاش تي چوڏهينءَ جو چنڊ
اُپريو هجي..!!
جنهن جي سُهائي جي حد لامحدود
روشنيءَ جو باعث ٿيو وڃي..!!
۽ اجرڪ تي ٺهيل ستارن جي
جهِر مِر روشنين وانگي

پنهنجي سُجاٽپ ۾
خوبصورتيءَ جا هزارين مثال
قائم ڪريو چڏي..!!
ها..!! اجرڪ جو ڳاڙهو رنگ
گُلاب جي گُل جيان هر دل کي
ڇُهڻ جو هنر ڄاڻي ٿو..!!
۾ جڏهن اجرڪ اوڍي نروار ٿيو
تڏهن ايئن لڳو تہ سونهن جا
سڀ خزانا سندس بدن سان
سلهاڙيل هجن..!!
ها..!! جتان بہ گذريو
هر نظر جو محور هو..!!
ايئن محسوس پئي ٿيو جڻ تہ
حسن جون سڀ حدون اُن اجرڪ تي
فنا ٿي ويون هجن..!!

*

سرد خانو

زندگي..!!
اُن موڙ تي اچي
هٿ ڪيڀا آهن..!!
جتان واپسيءَ جي رستي جو
ڪوبہ نشان نظر نٿو اچي..!!
منهنجي وجود کي
ڪنهنجي وچوڙي
اُن وٽ جيان ڪري ڇڏيو آهي
جيڪو خزان جي موسم ۾
پنهنجا پَنَ ڇاڻي
ڇانءُ ڏيڻ کان
محروم ٿي ويو هُجي..!!
ڪاش..!! هُن کي
منهنجي درد جو احساس ٿئي..!!
جيڪو مونکي

اُن پوڙهي پيءُ جيان
محسوس ٿيندو آهي
جنهن کي جوان پُٽَ
هجڻ باوجود بہ
روشنين جي شهر ۾
لاوارث حالت ۾
ڪنهن اسپتال جو
سرد خانو نصيب ٿيو هُجي..!!

*

پاڻي

اڄ تنهنجي ياد جا بادل
وڇوڙي جي وِڇ سان
صلاح ڪري..!!
منهنجي دل جي
ڪچي گهر مٿان
ڪڙڪي پيا..!!
ءِ منهنجي نيٽن جي
سيني خوابن کي
پاڻي ڪري ڇڏيو..!!

*

چوڏهينءَ جو چنڊ

ها پرينءَ جي هلڻ ۾
سنڊوءَ جي لهرن جهڙي
موج ۾ مستي هُئي..!!
هُن جي هلڻ سان
موسم کي سُرُور ملي رهيو هو
۾ جامشوري جون هوائون
سندس زُلفن سان کيچل
ڪري رهيون هيون..!!
هُن جيئن جيئن آڱريون
پنهنجي زُلفن ۾ ڦيرايون پئي
ايئن ٿي لڳو تہ..!!
حسن جون سڀ ادائون

سندس آڱرين ۾ قيد ٿيل هجن
ڄ سندس نگاهون جنهن تي بہ
پَيون ٿي، اُهو اُتي ئي
پٿر پئي ٿي ويو..!!
سندس چپن جي مرڪ
محبت جي لاعلاج فراق جي
ڦٽن تي مرهم مثل هُئي..!!
سندس ڳل بهار جي موسم ۾
تازن گلن جيان سونهن جي
سربراهي ڪري رهيا هئا..!!
اجان ڇا پُڏايان..!؟
سندس ڳل تي ڪارو تِر
آڪاش جي چوليءَ تي چوڏهينءَ
جي چنڊ وانگي چمڪي رهيو هو..!!

*

بزدل

وري رت جي هلي هولي
وري معصوم ماريا ويا..!!
اُجاڙي تو ڇڏي دشمن
وري ڪنهن ماءُ جي جهولي
ٿيا ڪَئِين بار لاوارث
پڳي تو چيلهه جُهوني جي
امڙ کان نُور پيي کَسِيَئي

بهارن کي ڏئي تِيلِي
خزان آندي تو گلشن ۾
تون خوش آهين پنهنجي پَرَ ۾
تون سمجهين ٿو ايئين ظالم
دليريءَ جو ڪيو ڪم ٿم..!!
مگر مونکان اڙي سنگدل
قسم پي تون کڻائي پُڇ
تون بزدل آن..!!
تون بزدل آن..!!

*

زندهہ آهن

هن دل کي
ايڏا بہ تنهنجي راهہ ۾
اميدن جا ڏيئا ٻاري
انتظار ڪرڻ جي
عادت ناهي وئي..!!
بس هڪ پيرو..!!
منهنجي مَن جي مانڊاڻ
ءِ اکين جي ڳاڙهاڻ
ڏسي وڃ..!!
ڏس اڃي..!!
اڄ بہ تنهنجي ياد جا
پنڇي منهنجي
اکين جي آکيري ۾
حسرتن جا
خواب سجائي
زندهہ آهن..!!

*

مثال

هُو جڏهن
گلستان ۾ آيو
تہ گلن ۾ قڙقوت پئجي وئي..!!
پوپٽ..!!
سندس ڳلن کي چمڻ لاءِ
تڙپندا رهيا..!!ءِ هُن جي نهار ۾
دلين کي قيد ڪرڻ واريون
سيئي ڳڙيون موجود هيون..!!
ءِ سندس زُلف
ڪاريهر نانگ جيان
هر دل کي
ڏنگي رهيا هئا..!!
سندس گُفتار جو ذائقو
ماکيءَ ءِ مصريءَ لاءِ
هڪ مثال هو..!!

*

ٽي شعر

اچي ڪر تون منا آجو
وڇوڙو ڪُوهه جهڙو آ

–

اندر ۾ هڪ ءِ ٻاهر ٻيو
زمانو ٿُوهه جهڙو آ

–

اسان جي پيار جو ناڙو
اوهان وٽ ٻُوهه جهڙو آ

*

تنهنجي نرمل نگاهن جي پوڄا ڪجي
عشق سان ئي ادائن جي پوڄا ڪجي

قيد زُلفن ۾ ميرل ڪري تون مونکي
پيو بُڌاءِ! سزائن جي پوڄا ڪجي

*

خوابن جا خُون ٿي ويا
سپنا زبُون ٿي ويا
دل جي لڳيءَ جي پويان
مهنگا سُڪوُن ٿي ويا

*

پٿر سان پيچ پيو آ، پٿر نہ ٿي پوان
دل جي چوڙ تي هاڻي، بي گهر نہ ٿي پوان
اهڙيون ڏٺيون ٿئي سوچون، پل پي سگهون ناهي
دردن سندو مان دلبر، دفتر نہ ٿي پوان

*

دل ڪيم تنهنجي حوالي ڇا مليو
لڙڪ اکڙين منجهہ پالي ڇا مليو
زندگي توکي لِکي ميرل ڏنم
تو ڪيا ڏڪ منهنجي نالي ڇا مليو

*

شهرتون ۽ شانُ تنهنجي شهر ۾،
پر نہ هو انسانُ تنهنجي شهر ۾،
منهنجي خدمت پئي اڪيلائيءَ ڪئي،
مان هئس مهمان تنهنجي شهر ۾.

*

سيارو سرد جاڳي ٿو،
وري نئون درد جاڳي ٿو،
وڃين چنڊ يارَ کي چنجان،
اڃا ڪو فرد جاڳي ٿو.

*

محبت ٻوڙ ٿي وئي آ
حياتي سوڙ ٿي وئي آ
نہ ڏک آهي، نہ سُک آهي
جواني ڦوڙ ٿي وئي آ

*

.

هُو سُجاٽي نٽو غير وانگي صفا
جيڪو زُلفن جون مون تي هو ڇائُون ڪندو
اڄ ڀلي هُو تڪبّر جو حامي هُجي
وقت ايندو پوءِ ڏسجو پُڇائون ڪندو

*

تنهنجا گُفتا خنجر ٿي ويا
منهنجا سپنا بي گهر ٿي ويا
دل جا ميرل پٿر ماڻهو
الفت جا اڄ پيڪر ٿي ويا

*

جيئن ڏسي مون ڏي هُو مرڪڙ ٿي شروع
نيڙ ڇرڪيا، دل بہ ڏڙڪڙ ٿي شروع
گج پهري سُونهن جي ديوي لڳي
چنڊ وانگي پاڙ چمڪڙ ٿي شروع

*

صبح مان رات ٿي ويندي
ختم هر بات ٿي ويندي
حياتي آ سِڪي جهڙي
ڪڏهن خيرات ٿي ويندي

*

پيو سمنڊ هٽي چوليون،
اڄ ياد پَيون ميرل، جيجل جون مٽيون لوليون
–

آ شور هوائن ۾..!!
تو قيد ڪيو ميرل، نوخيز نگاهن ۾..!!
–

مشهور به ٿي ويجهو
ڏئي سنڈ لئہ سِر ميرل، منصور به ٿي ويجهو
–

اڄ شام ڪٽي وچ تون...!!
ڏئي سُور مونکي ميرل، آرام ڪٽي وچ تون..!!
–

الئہ ڪيئن هٿ مروڙي وئي..!!
گهڙي هڪڙيءَ ۾ ميرل سان، صدين جو ساٿ جوڙي وئي..!!

–

هر وار ڪان تيز آهن..!!
اڄ لفظ تنهنجا ميرل، تلوار ڪان تيز آهن..!!

–

اهڙو تہ اثر ٿي ويو،
توکي ياد ڪندي ميرل، سوچن جو شهر ٿي ويو

–

ڪنهن راڳ جي راڻي آ،
دل ڪٽ آ ڇڻ ميرل، مون عشق سان واڻي آ

–

ڪنهن مِير نہ پِير ڪيو
هڪ تيرِ نظر ميرل، آ دل کي چير ڪيو
–

ڪري دل سان اداڪاري
چيئين ميرل خدا حافظ، اکين مان لڙڪ ٽيا جاري
–

ڪنهن در ڪڙڪايو آ،
مون کي ايئن لڳو ميرل، جڙ دلبر آيو آ
–

تنهنجي پيار ۾ پروانو
شل توکي وڻي ميرل، هي دل وڻ نذرانو
–

جيئن ڪير ۾ ڪنڌ آهي،
منهنجو تہ پرين ميرل، چوڏهينءَ جو چنڊ آهي
–

يادون ۾ اڪيلائي،
ٿي شام جڏهن ميرل، هُوءَ سمنڊ ڏسڻ آئي
–

هِتي علم و ادب ۾ فَن،
وسايو مون تڏهن ميرل، اُڏيرو لعل استيشن

*

رڳو اوهان جي ڳمي رهي ٿي
ڪڏهن نہ آئي بهار آهي
تڏهن اکين ۾ نَمي رهي ٿي
رڳو اوهان جي ڳمي رهي ٿي

خوشي نہ، دل ۾ غَمي رهي ٿي
نہ آيو دل کي قرار آهي
رڳو اوهانجي ڳمي رهي ٿي
ڪڏهن نہ آئي بهار آهي

*

ٻُڌو ٿم اڄ بہ ساري ٿو
ڪٽي ٿو ساھ سُڏڪن ۾
اڃا راهون نهاري ٿو
ٻُڌو ٿم اڄ بہ ساري ٿو

اکين مان لڙڪ هاري ٿو
اڪيلو آهي اُلڪن ۾
ٻُڌو ٿم اڄ بہ ساري ٿو
ڪٽي ٿو ساھ سُڏڪن ۾

*

وائي

گُهمي پيو چور رونِ تي
ءِ پاڳيو جيل ۾ آهي..!!
عجب دستور دنيا جو..!!

گُهري ٿو حق جو پنهنجو
اُهو پوءِ ويل ۾ آهي..!!
عجب دستور دنيا جو..!!

آ هڪڙي هَٿ ۾ تِيلِي
ءِ ٻيو هَٿَ تيل ۾ آهي..!!
عجب دستور دنيا جو..!!

هي دل آ گاهِ جڙ ميرل
هميشہ پيل ۾ آهي..!!
عجب دستور دنيا جو..!!